# بورڊ آف سيڪنڊري ايجوڪيشن ڪراچي

**سيڪنڊري اسڪول سرٽيفڪيٽ امتحان2022ع**

## سنڌي نارمل ڪورس (لازمي)

ڪلاس نائون - (سائنس گروپ)

وقت: ٽي ڪلاڪ | **ڪل مارڪون: 75**

## حصو "الف" (گهڻ چونڊائتا سوال) 40%

مارڪون 30

نوٽ: هن حصي ۾ 30 MCQs ڏنا ويندا. هر هڪ سوال هڪ مارڪ جو آهي.
MCQs تمام سبقن ۽ نظمن مان ڏنا ويندا.

## حصو "ب" (مختصر جواب جا سوال) 40% مارڪون 30

2. ڪن به پنجن سوالن جا جواب لکو:- 10

(i) پاڻ سڳورن ﷺ جن جي اخلاق مبارڪ بابت قرآن مجيد ۾ ڪهڙي شاهدي ڏنل آهي؟

(ii) حضرت امام حسين عليه السلام جي ولادت ڪڏهن ٿي؟

(iii) علامه آءِ.آءِ قاضي جو پورو نالو ڇا آهي؟

(iv) گنجي ٽڪر تي ڏنارن ڪهڙا ڪهڙا ساز پئي وڄايا؟

(v) مخدوم ابوالحسن جي ڪتاب جو نالو ڇا آهي؟

(vi) سچائيءَ جا ڪهڙا ڪهڙا فائدا آهن؟

(vii) قديم آثارن جي حفاظت ڇو ۽ ڪيئن ڪرڻ گهرجي؟

(viii) مارئي جو ڪردار ڇا جي ڪري مشهور آهي؟

(ix) مير عبدالحسين سانگي ڪٿي ڄائو؟

٣. هيٺ ڏنل لفظن مان ڪن به چئن لفظن کي جملن ۾ استعمال ڪريو:- 4

وسڪارو ، ڪارڻ ، واڪاڻ ، جديد ، مرغوب ، موافق ، ويڇا ، معطر

4.(الف) هيٺ ڏنل لفظن مان ڪن به چئن لفظن جا ضد لکو:- 4

آمريت ، لائق ، اوير ، فائدو ، سخي ، گرمي، سهٺو ، هيٺ

(ب) هيٺ ڏنل لفظن مان ڪن به ٽن لفظن جا واحد يا جمع لکو:- 3

قوم ، مُلڪ ، بازار ، قصو ، ساٿي ، ميوا

(ج) هيٺ ڏنل لفظن مان ڪن به ٽن لفظن جامذڪر يا مونث لکو:- 3

سهرو ، گهوٽ ، جهرڪ ، ڌوٻي ، استاد ، قاضي

(هلندڙ)

NEW MODEL QUESTIONS PAPER
Result.pk

